

ايلسا ننڊ مان جاڳي تہ اچرج ۾ پئجي ويئي. سندس کٽ پاڻيءَ ۾ تري رهي هئي. پاڻيءَ ۾ مَڇيون، ڪُميون ۽ ڏيڏر پڻ تري رهيا هئا. هُوءَ اکيون مَهٽڻ لڳي. ايلسا امڙ کي سڏ ڪيو. امڙ پاڻيءَ مان شپ شپ ڪندي آئي.
”امڙ اسان جي گهر ۾ درياءُ ڪيئن هلي آيو آهي؟“ ايلسا پُڇيو.



”بابا ۽ ادا ڪبِير ڪِٿي آهن؟“ ”ڪبِير اندر آهي ڏيءَ ۽ تنهنجو پيءُ بند ٻڌڻ لاءِ درياءَ تي ويو آهي.“ امڙ چيو. ”۽ چينِي؟“ ”تنهنجي ننڍڙي دوست ٿاريءَ تي چڙهي ويٺي آهي.“ امڙ وراڻيو. ”امڙ توکي ڊَپ نٿو لڳي؟ ايڏو پاڻي تہ مون صرف درياءَ ۾ ڏٺو آهي...!“ ايلسا جي سوالن تي امڙ جي منهن تي مُرڪ ترِي آئي.



امڙ اُٺي ۽ ڪمن ۾ لڳي ويئي. ايلسا، ڪٺ تي ڪنڌ رکي پاٽيءَ ۾ ننڍڙن جيتن کي ڏسڻ لڳي. تِڏ ترندي واڏڻ تان چڙهي، مٿي اچي ٿي. سج لهڻ لڳو ۽ ساهوارا ڪنهن خشڪ هنڌ جي ڳولا ۾ پريشان هئا. وٿاڻن ۾ مالُ دانهون ڪري رهيو هو. ڳوٺ وارا ڇتين تي سامان رکڻ ۾ رُڌل هئا.



”بابا ڇا اسان جو گهر بہ درياءُ تي ويندو؟“
”نہ ايلسا ڌيءَ، پر برسات جي پاڻيءَ ۽ ٻوڏ
جي پاڻيءَ ۾ فرق آهي. برسات جو پاڻي ڌَٻن
۽ بالٽين سان ڪڍي سگهجي ٿو پر ٻوڏ جو
پاڻي جڏهن لاٿ ڪائيندو تہ پاڻهي واپس لهي
ويندو.“ ”اهو ڪيئن؟“ ايلسا جواب لاءِ امڙ
ڏانهن نهارڻ لڳي. امڙ ڪيس هنج ۾ ويهاريو.







امڙ ٻارن کي ٻڌائڻ لڳي. ”ماڻهن جو جياپو پاڻيءَ کان سواءِ ممڪن ناهي. وڏا وڏا ڳوٺ شهر دريائن جي ڪَپرن تي اچي آباد ٿيا آهن. برسات جو پَوڻ، برفاني پهاڙن جو ڳرڻ، درياءَ جي پاڻيءَ ۾ واڌ آڻي ڇڏيندو آهي. هي سڀ ڪائنات جو نظام آهي.“



”ٻارو! هن خالي گلاس ۾ ڪيترو پاڻي پوندو؟“ بابا پُڇيو. ڪبير، ”بابا جيتري ان ۾ جڳهه هوندي.“ ”پوءِ ڇا ٿيندو؟“ ”پوءِ پاڻي وهي ٻاهر نڪري ايندو.“ ”اهڙيءَ ريت درياءَ ۾ جڏهن پرجي ويندا آهن ته پاڻي ٻاهر نڪري آس پاس جي علائقن کي ٻوڙي ڇڏيندو آهي ۽ درياءُ جڏهن لهي ويندو آهي ته سَمورو پاڻي ساڻ کڻي ويندو آهي.“ ٻئي ٻار پيءُ کي حيران ٿي ڏسڻ لڳا.

 



بابا ٻارن کي وڏيڪ سمجهائڻ لڳو. ”پاڻي جڏهن لهندو آهي تہ انيڪ فائدا پڻ ڏيئي ويندو آهي اسان جيان زمين کي بہ پاڻيءَ جي ضرورت پوندي آهي، ان جي پيٽ کي جَر چئبو آهي. مٽي پڻ سگهاري ٿيندي آهي، فصل تمام وڏيڪ ۽ طاقتور ٿيندا آهن، ڪڏون پرجي وينديون آهن.“ ايلسا ۽ ڪبِير غَور سان ٻُڌڻ لڳا.



”انسان ذات لاءِ ماکيءَ جون مکيون ۽ ٻي
فائديمند جيوت وڏي ويندي آهي، مال جي
لاءِ جهنگ ۾ گاهه ڦٽي ايندو آهي، گُل ٻوٽا
ڦٽندا آهن، ماحول مان گرمي گهٽجندي
آهي، هوا تازي ٿي پوندي آهي.“ امڙ ڳالهه
۾ اضافو ڪيو. ”امڙ اِهي ته تمام گهڻا
فائدا آهن پوءِ نقصان ڪهڙا آهن بابا.“
ڪبير پيءُ کان پُڇيو.



”پُٽَ! بيٺل پاڻي ھُئڻ ڪري بدبوءِ ۽ مڇرن جو آزار پڻ ٿيندو آھي. بيمارين کان بچڻ لاءِ پاڻي کي اوباري پيئڻ گھرجي. ٿانوَ ۽ ٻيون شيون خشڪ رکجن. ٻنھون ٻاري مال کي ٻہ مَڇرن کان بچائجي.“ پيءَ ڪبِيرَ کي سُمھاريندي چيو. ايلسا پاڻيءَ ۾ سِتارن جي چار ڏانھن ڏسڻ لڳي ۽ ھن جي اکين ۾ ننڊ پرجڻ لڳي.



صبح جو چَوطرف پکين جا ولر چھَڪي رهيا هئا. امڙ عَورتن کي ٻوڏ دؤران هنگامي حالتن ۾ بچاءَ لاءِ سِکيا ڏيئي رهي هُئي. اهڙي ماحول ۾ بسترو، ماني، سُئي ڌاڳو، ٽارچ، سيل، دوائون، پيئڻ جو پاڻي، سُڪل ميوو يا ڀُڳڙا، صابڻ ۽ ريڊيو جي سخت ضرورت رهندي آهي. ايلسا ياد ڪرڻ لڳي ۽ لسٽ ٺاهڻ ۾ عَورتن جي مدد ڪرڻ لڳي.



بابا ڳوٺ وارن سان گڏجي درياءَ جي بند کي مضبوط ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو هو. ايلسا ۽ ڪبير بہ گڏ روانا ٿيا. بند تي ماڻهو ٻورين ۾ وارِي وجهي درياءَ جي ڪپر تي رکي رهيا هئا. ايلسا ٻارن آڏو امڙ ۽ بابا جون ٻُڌايل ڳالهيون ورجائڻ لڳي تہ ڊڄڻ بلڪل نہ کپي. اسان کي هِمٿَ سان ئي اهڙو وقت گذارڻ کپي.

# ٻگ ٻُڪس

# BIG BOOKS

## (ٻئي درجي لاءِ)

پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ (USAID-Pakistan Reading Project) يُو ايس ايڊ (USAID) جي مالي سهڪار سان عمل ۾ ايندڙ پنج سالہ پروگرام آهي. جنهن جو مقصد پاڪستان ۾ صوبائي ۽ علائقائي تعليم کاتي جي تعاون سان شروعاتي دَرجن جي شاگردن ۾ 'پڙهڻ' جي صلاحيتن ۾ بهتري آڻڻ آهي. ان سلسلي ۾ پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ ٻئي دَرجي جي شاگردن ۾ سنڌي پڙهڻ جي مهارتن کي وڌائڻ لاءِ هِي تدريسي مواد تيار ڪيو آهي.

ٻگ ٻُڪس انهيءَ تدريسي مواد جو اهم حصو آهن. هي ڪتاب استاد، شاگردن آڏو 'وڏي آواز ۾ پڙهڻ' (Read Aloud ) واري طريقي مطابق پڙهندا. 24 هفتن لاءِ 12 ٻگ ٻُڪس لکيا ويا آهن. هر ٻگ ٻُڪ جي پنيان استادن لاءِ اُن هفتي جي پڙهڻ جي مهارتن لاءِ سرگرميون ڏنيون ويون آهن. وڏي آواز سان پڙهڻ دوراُن ان ڳالهہ جو خيال رکڻ گهرجي تہ شاگردن کي مڪمل ڪهاڻي پڙهي ٻڌائجي. ٻگ ٻُڪس جون هي ڪهاڻيون لکڻ دؤران ڪيترن ئي اصولن کي نظر ۾ رکيو ويو آهي. مثال طور، مخصوص موضوعن جي چونڊ، شاگردن جي عمر ۽ ذهني سطح، مناسب لفظن جو ذخيرو، سادو اسلوب ۽ شاگردن جي دلچسپيءَ جي عنصر کي قائم رکڻ لاءِ واضح ۽ وڻندڙ تصويرون وغيره.

هن ڪاوش جي نتيجي ۾ استاد، شاگردن جي 'پڙهڻ' جي مهارتن: ڇَپيل تصوُر، صوتي ڄاڻ، صوتيات، لفظن جو ذخيرو، رواني ۽ تفهيم جي صلاحيتن ۾ واڌارو آڻي سگهندا. هي ٻِگ ٻُڪس، اسڪول لائبريري جو حصو بڻجندا تہ جيئن ايندڙ شاگرد پڻ هنن ڪتابن مان لاڀ حاصل ڪري سگهن ۽ ٻولي سکڻ ۽ پڙهڻ ۾ دلچسپيءَ جو هِي سلسلو جاري رهي.

اسان کي اميد آهي تہ پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ جي هيءَ ڪاوش سنڌ جي پرائمري اسڪولن ۾ پڙهڻ جي معيار کي بهتر کان بهتر بڻائڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندي. پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ ۾ هيٺ ڏنل تعليمي ۽ تدريسي مواد شامل آهي:

- ٽي آءِ جي ماڊيولز
- ويڊيوز
- سبقي منصوبا
- ورڪ ٻُڪ
- فليش ڪارڊز
- ٻگ ٻُڪس
- ليولڊ ريڊرز

تدريسي مواد جي تياريءَ دؤران هن کي هر قسم جي غلطيءَ کان آجو رکڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي وئي آهي. تنهن هوندي بہ استعمال دؤران جيڪڏهن ڪا ڪَمي نظر اچي تہ ان بابت مهرباني ڪري تُرت پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ جي صوبائي/ ضلعي آفيس کي ڄاڻ ڏني وڃي. ان سهڪار جي لاءِ اسان اوهان جا ٿورائتا رهنداسين.

# اُستادن جي لاءِ هدايتون

نوٽ: شاگردن کي هفتي جا پهريان ٻہ ڏينهن مکمل ڪهاڻي پڙهي ٻُڌايو ۽ هيٺ ڏنل هدايتن تي عمل ڪريو.

## پهريون ڏينهن

(اڳڪٿي، اڳوڻي معلومات ۽ ڇپيل تصور)

### پڙهڻ کان پهرين

شاگردن کي ڪهاڻيءَ جو ٽائيٽل ڏيکاري پڇو تہ:

- توهان جي خيال ۾ اڄ ڪهڙي ڪهاڻي پڙهنداسين؟
- تصوير ۾ ڇا ٿي رهيو آهي؟

### پڙهڻ دؤران

- صفحو نمبر 7 ڏيکاريو ۽ پڇو تہ پيءُ ٻارن کي ڇا سمجهائي رهيو آهي؟
- صفحو نمبر 3 ڏيکاريو ۽ پڇو تہ ايلسا ڇا ڏسي رهي آهي؟

### پڙهڻ کان پوءِ

- صفحو نمبر 9 ڏيکاريو ۽ پڇو تہ هن صفحي تي
- سواليہ نشان ڪهڙي جملي ۾ استعمال ٿيل آهي؟
- صفحو نمبر 10 ڏيکاريو ۽ پڇو تہ ايلسا پاڻيءَ ۾ ڇا ڏسي رهي آهي؟
- صفحو نمبر 11 ڏيکاريو ۽ پڇو تہ هن صفحي تي لفظ 'ڏاڍو' کان پوءِ ڪهڙو لفظ لکيل آهي؟

## ٻيو ڏينهن

(لفظن جو ذخيرو، سنڌي ۽ ٻي ڪا مادري زبان ۽ آوازن جي مشق)

### پڙهڻ کان پوءِ

- (ٿي سگهي ٿو تہ توهان جي ڪلاس ۾ ڪجھ اهڙا ٻار موجود هجن جن جي مادري ٻولي سنڌي نہ هجي، ان صورت ۾ هي سوال توهان انهن ٻارن کان پڇندؤ).
- شاگردن کي ڪهاڻيءَ جو ٽائيٽل/عنوان ڏيکاري پڇو تہ توهان جي ٻوليءَ ۾ سِتارن کي ڇا چوندا آهن؟
- صفحو نمبر 2 تي 'ٻلِي' جي تصوير ڏيکاري شاگردن کان پڇو تہ توهان جي ٻوليءَ ۾ هن کي ڇا چوندا آهن؟
- صفحي نمبر 4 ۾ ڏنل پورو جملو 'چنڊ جي روشنيءَ ۾ پاڻيءَ ۾ آسمان جو عڪس تري آيو.' کي تاثرات سان ادا ڪري انهن جي ٻولي ۾ ورجائڻ لاءِ چئو.
- شاگرن کي هيٺ ڏنل ٻہ لفظ ٻڌائي ان جي آخري آواز سان ٽيون لفظ ٻُڌائڻ لاءِ چئو.
- ڄار، ڪار ____، سِتارا، ڪنارا ____، بابا، گابا____،
- پاڻي، راڻي ____، ڪم، دم ____، ڄر، ڏر ____.

## ٽيون ڏينهن

(لفظن جو ذخيرو، پهاڪا ۽ اصطلاح)

### پڙهڻ کان پوءِ

- صفحي نمبر 4 ۾ جملو 'چنڊ جي روشنيءَ ۾ پاڻيءَ ۾ آسمان جو عڪس تري آيو' ۾ عڪس جي معنيٰ ٻُڌايو 'پاڇو' پوءِ مثال ڏيو. (آسيہ پاڻيءَ ۾ چنڊ جو عڪس ڏٺو) اهڙيءَ طرح ٻيا جملا ٺاهڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪيو.
- صفحي نمبر 6 ۾ جملو 'ماڻهن جو جياپو پاڻيءَ کان سواءِ ممڪن نہ آهي' ۾ ممڪن جي معنيٰ ٻُڌايو 'ٿي سگهندڙ' پوءِ مثال ڏيو. (محنت ڪرڻ سان هر ڪم ۾ ڪاميابي ممڪن آهي) اهڙيءَ طرح ٻيا جملا ٺاهڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪيو.
- صفحي نمبر 8 ۾ جملو 'پاڻي جڏهن لهندو آهي تہ انيڪ فائدا پڻ ڏيئي ويندو آهي' ۾ انيڪ جي معنيٰ ٻُڌايو 'گهڻا/بيشمار' پوءِ مثال ڏيو. (سمنڊ ۾ انيڪ قسمن جا آبي جانور هوندا آهن) اهڙيءَ طرح ٻيا جملا ٺاهڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪيو.
- صفحي نمبر 11 لفظ 'هنگامي حالت' کي جملن ۾ استعمال ڪرايو.

## چوٿون ڏينهن

(تفهيم، ڪهاڻيءَ جو ذاتي زندگيءَ سان ڳانڍاپو)

### پڙهڻ کان پوءِ

- ٻوڏ کان سواءِ ٻيون ڪهڙيون قدرتي آفتون ٿينديون آهن؟
- هنگامي حالتن ۾ اسان کي ڪهڙين ڳالهين جو خيال رکڻ گهرجي؟
- ايلسا ننڍ مان اٿڻ ساڻ اڇرج ۾ ڇو پئجي ويئي؟
- ٻوڏ اچڻ جا ڪهڙا سبب هوندا آهن؟
- ٻوڏ جو پاڻي لهندو آهي تہ ڪهڙا فائدا ملندا آهن؟
- ٻوڏ ۾ ڪهڙا نقصان ٿي سگهن ٿا؟
- ٻوڏ دؤران بچاءَ لاءِ ڪهڙين شين جي ضرورت هوندي آهي؟
- ڳوٺ وارن ٻوڏ کان بچاءَ لاءِ درياهُ جو بند ڪيئن مظبوط ڪيو؟
- ڪهاڻيءَ جي ڪهڙي ڳالھ توهان کي پسند آئي ۽ ڇو؟

www.pakreading.org

This publication is made possible by the support of the American people through the United States Agency for International Development (USAID). It is produced by the USAID-funded Pakistan Reading Project in collaboration with the provincial/regional government. The contents are the sole responsibility of the project and do not necessarily reflect the views of USAID or the United States Government.

هن اشاعت جي فراهمي آمريڪي عوام جي سهڪار سان بين الاقوامي ترقيءَ جي آمريڪي اداري طرفان ڪئي وئي آهي. هي دستاويز يو ايس ايڊ-پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ، صوبائي/ علائقائي حڪومتن جي تعاون ۽ پائيواري سان تيار ڪيو آهي. هن اشاعت جي مڪمل ذميواري پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ جي آهي ۽ ضروري نہ آهي تہ هي يو ايس ايڊ يا آمريڪي حڪومت جي نظريي جي عڪاسي ڪندي هجي.